APNS Member
Web site: www.dailywaka.com
ABC CERTIFIED
واڪا ڪبا وس— مارو ملڪ مليرلئہ
روزانہ
ڪراچي ۽ سکر مان هڪ ئي وقت شايع ٿيندڙ
Daily WAKA
واڪا
(جلد 12) ڇنڇر 16 مئی 2020ء بمطابق 22 رمضان المبارڪ 1441ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو۔ 77

# ميرپور ساڪري ۾ سماجي تنظيم طرفان 193 غريبن ۾ راشن ورهايو ويو

ميرپور ساڪرو (رپورٽ: عظيم ڪلمتي) سماجي ڀلائي واري اداري او ايس ڊي آئي پاران ميرپور ساڪرو لڳ ڳوٺ يعقوب جوکيو ۾ 193 غريب/بقايا نمبر صفحي 2 لهر 37

37 ••• بقايا

ب ۽ مستحق گھرائن کي هڪ مهيني جو راشن فراهم ڪيو ويو. جڏهن ته ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ جي زير انتظام مين ڪورنٽاين سينٽر ٺٽو جي ڊاڪٽرز ۽ اسٽاف لاءِ 10 پرسنل پروٽيڪشن ڪٽس پڻ فراهم ڪيون ويون آهن — تفصيل موجب سماجي ڀلائي واري اداري آرگنائيزيشن فار سوشل ڊولپمينٽ اينيشيٽوز او ايس ڊي آئي جيڪا گذريل ٻارنهن سالن کان سنڌ جي پٺتي پيل غريب عوام جي ڀلائي تعليم صحت ۽ روزگار لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهي آهي

Daily AWAMI AWAZ

روزاني
عوامي آواز

چنڇر 16 مئي 2020ع، 22 رمضان المبارڪ 1441هه

# ميرپورساڪري ۾ سماجي تنظيم پاران مستحقن ۾ راشن تقسيم

## اوايس ڊي آء پاران 193 مستحقن ۾ هڪ مهيني جو راشن ورهايو ويو

## ڊاڪٽر ۽ هيلٿ اسٽاف ۾ به حفاظتي ڪٽون ورهايون ويون

ميرپورساڪرو(ن ع ا) سماجي ڀلائي واري اداري آرگنائيزيشن فار سوشل ڊولپمينٽ ايجوڪيشنل اوايس ڊي آء پاران ڳوٺ يعقوب اراڻي جوکيو جي 193 غريب مستحق خاندانن کي هڪ مهيني جو راشن فراهم ڪيو، جڏهن ته ڪورنٽائين سينٽر ٺٽو کي 10 پرسنل پروٽيڪشن ڪٽس پڻ فراهم ڪيون ويون آهن. ان موقعي تي ضلعي ٽيم ليڊر محمد عثمان مگريو چيو آهي ته اسان هن ڏکي صورتحال ۾ غريب خاندانن جي سهائتا لاءِ راشن فراهم ڪيو آهي. ڏکين حالتن ۾ غريبن کي اڪيلو نه ڇڏينداسين.